صوفي شاهه عنايت پريس ڪلب ميرپوربٽورو مان نامعلوم چور پاڻي جو موٽر چوري ڪري ويا

ڏڙو (ن سنڌ ياڙ) ڏڙي ۽ پرپاسي جي مختلف علاقن ۾ پوليس جي نااهلي سبب بدامني ماضي جا سمورا رڪارد ٽوڙي ڇڏيا. ڏڙو، پيلو ۽ سجاول آمڙا ميرپوربٽورو روڊ تي ڏينهن ڏڻي ڦرجا 4 واقعا. پوليس غائب. ڏوهاري راڄ قائم. تفصيل موجب سجاول ضلعي جا سمورا روڊ رستا ڏڙهارين حوالي ٿي ويا آهن. نامعلوم هٿياربندن ڏينهن ڏڻي سجاول روڊ تي آمڙا اسٽاپ وٽ هٿياربند/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڈو محمد خان: گوٽ جنهاڻ سومرو پاسي بااثر خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

ٽنڈو محمد خان جي گوٽ جنهاڻ سومرو جي رهواسي

جنهاڻ سومرو جي رهواسي پاران احتجاجي مظاهرو

ٽنڈو محمد خان (ڀر مظفر علي بروهي) ٽنڈو محمد خان جي گوٽ جنهاڻ سومرو جي رهاڻسي گلزار سومرو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڏاهيو آهي ته گوٽ جنهاڻ جو هڪ شخص محمود سومرو پاڻ سماج سڌارڪ اڳواڻ سڏرائيندي علاقائي راسين مٿان عذاب بڻجي ويو آهي ، هر روز ڪنهن نه ڪنهن خلاف ڪوڙيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪوهستاني زمينن تي ٽينڈڙ قبضا توڙي والارون ختم ٿي نه سگهيون، اختياريون خاموش

درگاهن جي احاطن واري زمينن کي به بخش نه ڪيو، جتي پڻ اڏاوتن وارو عمل شروع ڪري ڇڏيو

درگاه اميرشاه جيلاني رح جي احاطي سان لڳو لڳ روڊ ۽ پيئڻ جي پاڻي جي ٽانڪي وٽ قبضا ٿي ويا

زائرين کي پريشاني کان بچائي درگاه تي زائرين جي حفاظت لاءِ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا وڃن

ٺٽو(رپورٽر) ڪوهستاني زمينن تي ٽينڈڙ قبضا توڙي والارون ختم ٿي نه سگهيون، بااثر قبضاگيرن درگاهن جي احاطن واري زمينن کي به بخش نه ڪيو، جتي پڻ اڏاوتن وارو عمل شروع ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري زائرين سخت پريشان ٿيڻ لڳا. زائرين پاران ٽيل اڏاوتون ختم ڪرائي درگاهن جي احاطن واري زمين کي محفوظ ڪري سندن حفاظت لاءِ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

قدرتي برساتي لنگهه جلدي بحال ڪري گهارو کي ٻڏڻ کان بچايو وڃي: گهرام جوڪيو

طوفان ۽ برسات جي حوالي سان دورو ڪيو ۽ فوري ايمرجنسي طور پلون ٺاهڻ جون هدايتون

اي سي اقبال احمد تنيو، ايڊمنسٽر عبدالغفور غفور جاڪرو، ايف ڊبليو او جا عملدار ۽ ٻيا موجود هئا

قدرتي برساتي لنگ جلدي بحال ڪري گهارو شهر کي ٻڏڻ کان بچايو وڃي: انتظاميا کي هدايتون

گهارو (بشار جوڪيو) گهارو شهر کي جاڀلو علاقن مان اچي هڙيندڙ برساتي پاڻي جي پلن بابت پيپلزپارٽي ايم پي اي جام اويس گهرام جوڪيو امڪاني طوفان ۽ برسات جي حوالي سان دورو ڪيو ۽ فوري ايمرجنسي طور پلون ٺاهڻ لاءِ چيو. ياد رهي ته پنج سال اڳ جڏهن ايف ڊبليو او طوفان ڊبل روڊ ڏاهيو ويو ته انگريز دور کان ٺهيل پلون بند ڪيون ويون انڪري گهارو شهر تي دفعا ٻڏي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مانجهند: لنڪ روڊ جو ڪم ناقص مٽيريل سان ڪندڙ ٺيڪيدار خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

مانجهند لنڪ روڊ ۾ ٺيڪيدار جي ناقص مٽيريل استعمال ڪرڻ خلاف احتجاج

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) مانجهند لنڪ روڊ ۾ ٺيڪيدار جي ناقص مٽيريل استعمال ڪرڻ خلاف سول سوسائٽي طرفان هٽن ۾ پلي ڪارڊ ڪٽي مين چوڪ تي ڊرٽو هٽي تعريباڙي ڪئي وئي ان موقعي تي يوسف عمراڻي گلزار ملاح انڊرڪيٽ بلاول ميمڻ زوار الطاف ميمڻ ۽ ٻين ميديا سان ڳالهائيندي چيو ته بااثر ٺيڪيدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سينارجا پرسان زميندارن ۽ هارين جي ڇاڻ لاءِ ايف ايم سي جي سهڪار سان سيمينار

ابراهيم شر،ايگريڪلچر جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ميرواه محمد حنيف رند سميت ٻين شرڪت ڪئي

جعلي ۽ نمبر دوائن کان پاسو ڪرڻ ڪپي هن وقت ملڪ اندر موسم تيزي سان تبديل ٿي رهي آهي

عبدالرحيم ،محمد صالح ، اسلم ،عبدالڪريم ،ڪليم الله ،امتياز حسين ڪهر سميت ٻين پاران شرڪت

سينارجا (رپورٽ:الطاف حسين پتو) سينارجا پرسان زميندارن ۽ هارين جي ڇاڻ لاءِ ايف ايم سي جي سهڪار سان هڪ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ووٽرن جي فصل کي بيماري کان بچائڻ لاءِ آگاهي ڏني وئي جنهن ۾ ايف ايم سي جي زونل مئنيجر ابراهيم شر،ايگريڪلچر جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ميرواه محمد حنيف رند سميت ٻين آبادگارن ۽ هارين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳوڻن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دڙي ۽ پرپاسي جي مختلف علاقن ۾ پوليس جي نااهلي سبب بدامني جو راڪاس

دڙو، پيلو ۽ سجاول آمڙا ميرپوربٽورو روڊ تي ڏينهن ڏڻي ڦرجا 4 واقعا، پوليس غائب

هٿياربند پيرا ميڊيڪل اڳواڻ رجب ميمڻ کان موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر

صوفي شاهه عنايت پريس ڪلب ميرپوربٽورو مان نامعلوم چور پاڻي جو موٽر چوري ڪري ويا

دڙو (ن سنڌ ياڙ) دڙي ۽ پرپاسي جي مختلف علاقن ۾ پوليس جي نااهلي سبب بدامني ماضي جا سمورا رڪارد ٽوڙي ڇڏيا. دڙو، پيلو ۽ سجاول آمڙا ميرپوربٽورو روڊ تي ڏينهن ڏڻي ڦرجا 4 واقعا. پوليس غائب. ڏوهاري راڄ قائم. تفصيل موجب سجاول ضلعي جا سمورا روڊ رستا ڏڙهارين حوالي ٿي ويا آهن. نامعلوم هٿياربندن ڏينهن ڏڻي سجاول روڊ تي آمڙا اسٽاپ وٽ هٿياربند/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڈو محمد خان: گوٽ جنهاڻ سومرو پاسي بااثر خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

شهيد پٽو طرفان تعلقي وارهه تي نوان عهديدار چونڊي بادي جو اعلان

شهيد پٽو ضلعي صدر محمد جان بروهي طرفان وارهه شهر ۾ اجلاس ڪوٽايو

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
اربع 14 جون 2023ع

صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ:
بازي بازِندنِ کي، آهي اَويسارَ:
پِريا سين پَهڪارَ رِندِيءَ رَساڻي کيا.

پاڪستان ۾ تباهي مچائيندڙ سامونڊي طوفانن جي تاريخ

سنڌيار ڊيسڪ

دنيا ۾ سامونڊي طوفانن جي تاريخ ايتري ئي پراڻي آهي جيتري انساني تاريخ. پاڪستان ۾ به ڪيترائي طوفان آيا آهن ۽ جن طوفانن جو رڪارڊ دستياب آهي ان جو تفصيل هن طرح آهي.

1964: سائيڪلون A02:

12 جون 1964ع تي سامونڊي طوفان A02، حيدرآباد ۽ ٽنڊوالهيار ضلعن ۾ تمام گهڻو نقصان پهچايو. جڏهن اهو سنڌ جي ڏکڻ اولهه ڊاڪن ڏانهن وڌيو، جنهن ۾ 450 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. 4 لک ماڻهن جي زندگين کي متاثر ڪيو ۽ نقصان پهچايو. جڏهن ته ان زماني ۾ 41 لک ڊالر جو نقصان ٿيو هو. ياد رهي ته ان وقت پنهنجي ضلعن جون حدون وسيع هيون، ٽنڊو الله يار، ٽنڊو محمد خان، عمر ڪوٽ، بدين ۽ ميرپور خاص ضلعا انهن ۾ ضلعن جو حصو هئا.

1965: سائيڪلون A013

15 ڊسمبر تي ڪراچي ۾ خطرناڪ طوفان A013 جو شڪار ٿيو جنهن ۾ 10,000 ماڻهو مارجي ويا هئا. اهو هڪ غير معمولي ۽ نادر واقعو سمجهيو ويندو آهي جو ته ڊسمبر جي مهيني ۾ سامونڊي طوفان عربي سمنڊ ۾ تمام غير معمولي ڳالهه آهي.

1993 سائيڪلون

14 نومبر 1993ع تي ڪيٽيگري ون طوفان سنڌ ۾ آيو جنهن ۾ ڪيٽي بندر، ٽٽي، بدين ۽ ڪراچي ۾ 609 ماڻهو مارجي ويا ۽ 2 لک ماڻهو بي گهر ٿيا. تيز هوائن جي ڪري سنڌ_گجرات جي ساحلي پٽي جي ويجهو سامونڊي طوفان ڪمزور ٿي ويو

1999: سائيڪلون A2

20 مئي کان 22 مئي 1999ع تائين ٽٽو، عمر ڪوٽ، ميرپور خاص، بدين، حيدرآباد ۽ ٽنڀارکر جا شهر سامونڊي طوفان 2 آيو جي تباهيءَ جو شڪار ٿيا. هي ويجهڙ وارن سالن ۾ سڀ کان وڌيڪ تباهي ڪندڙ طوفان هو. جيڪو پاڪستان کي هڪ مضبوط ڪيٽيگري 3 جي برابر طوفان جي طور تي تسليم ڪيو ويندو آهي. ملڪ ۾ 6,200 ماڻهو مارجي ويا. ان وقت، طوفان جي زمين تي اچڻ کان اڳ رهاڪن کي ڪيڏو جي ڪا به ڪوشش نه ڪئي وئي. 9,252 ماڻهون بي گهر ٿيا ۽ 657,000 ماڻهن کي متاثر ڪيو. ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر نائيڪ محمد جوڪيو موجب طوفان علاقي ۾ 70 سيڪڙو چانورن ۽ ڪڪ جو فصل تباهه ڪري ڇڏيو. لڳ ڀڳ 300 سپاهين کي پٽ علاقي ۾ مقرر ڪيو ويو (ڪراچي کان 42 ميل اوڀر)، گهر ٽيل ماڻهن کي گهرايو ۽ بچاءُ ۽ نقصان جو اندازو لڳائڻ ڊپٽي ڪمشنر ٻڌايو ته 3500 ماڻهو لاپتا ٿي ويا هئا.

2007: سائڪلون يمين

سامونڊي طوفان يمين 03 بي بلوچستان جي علاقي اورماڙا ۽ پسني ويجهو مڪران جي سامونڊي پٽي سان ٽڪرائجي ويو هو. جيتوڻيڪ سامونڊي طوفان ۾ ڪراچي بچي ويو هو، شهر ۾ 33 ملي ميٽر برسات ٿي، جنهن سان گڏ تيز هوائون به آيون، پن ڏينهن ڪانپوءِ هڪ خوفناڪ ۽ موتمار مٽيءَ جي طوفان آيو جنهن ۾ 200 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا ۽ شهر کي افراتفري ۾ وجهي ڇڏيو. 25 جون تي، گڏيل ٽائيفون وارننگ سينٽر (JTWC) خطي ۾ هڪ بي ٽيبيڪل سائيڪلون ٺهڻ جو الرٽ جاري ڪيو. جڏهن ته سامونڊي طوفان انڊر اولهه طرف پاڪستان جي سامونڊي ڪناري ڏانهن وڌيو. ڪراچي ۾ اٽڪل 48 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هوائون هليون ۽ زمين جي مٿاڇري تي 990 ملي بار ز جو دٻاءُ رڪارڊ ٿيو هو. پاڪستان موسميات ڪاتي (پي ايم ڊي) موجب سسٽم جو مرڪز ڪراچي کان 90 ڪلوميٽر جي فاصلي تي هو. طوفان آخرڪار مڪران جي سامونڊي ڪناري سان لينڊ فال ڪيو. 730 ماڻهو مارجي ويا ۽ 20 لک بين جي زندگين کي متاثر ڪيو. اهو ملڪ جي تاريخ ۾ ٽيون سپ کان وڏو طوفان ٿيو.

2007: سائڪلون گونو

جون 2007ع ۾، اپريندڙ سامونڊي طوفان گونو – رڪارڊ تي سپ کان وڌيڪ شديد عربي سمنڊ جو طوفان – اڳ ۾ عمان ۾ ٽڪرايو ۽ بعد ۾ ڏکڻ ايران ڏانهن وڌيو ۽ ٽڪرايو. سائڪلون گونو جيڪو بهرين ڪيٽيگري 5 (وڏ کان وڌيڪ تباهي ڪندڙ طوفان) جي برابر طوفان هو. عمان، ايران ۽ گڏيل عرب اميارات ۾ 100 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا ۽ 4 بلين ڊالرن جي نقصان پهچايا. هن طوفان پٺ اولهه هندستان ۽ پاڪستان جي علاقن کي متاثر ڪيو هو.

2010: سائڪلون Phet

سپر ٽائيفون سائيڪلون پيٽ (ٽائيلي لفظ جنهن جو مطلب هيرا آهي) وجولي عربي سمنڊ ۾ گهٽ دٻاءُ واري علاقي ۾ اپريو ۾ پهرين جون 2010ع تي هڪ خطرناڪ طوفان جي شدت اختيار ڪري ويو. شروعات ۾، اهو 1,100 ڪلوميٽر ڏکڻ_ جي مٿاصلي تي واقع هو ڪراچي جي ڏکڻ اولهه طرف. پر پوءِ اهو 6 ڪلاڪ جي رفتار سان ساحل ڏانهن وڌيو. پاڪستان جي موسميات ڪاتي (پي ايم ڊي) 31 مئي تي سنڌ ۽ بلوچستان جي ماهيگيرن کي خبردار ڪيو هو ته هواوندڙ 6 کان 8 ڏينهن تائين ڪليل سمنڊ ۾ نه وڃن. 3 جون تي، Phet سائيڪلون اترا اوڀر عمان جي ساحل سان ٽڪرايو ۽ سندس شدت ۾ ڪجھ گهٽتائي آئي هئي ڏينهن، اهو پاڪستاني ساحل ڏانهن موٽيو ۽ 6 جون تي ڪراچي ۽ ڪيٽي بندر جي وچ ۾ سنڌ جي سامونڊي پٽي سان ٽڪرائجي ويو، جنهن ۾ 15 ڇٽا مارجي ويا. سنڌ ۽ مڪران جي ساحلي علاقن ۾ تيز برسات شروع ٿي وئي هئي.

آڪٽوبر 2014ع جي آخر ۾ عربي سمنڊ جي مٿان هڪ گهرو ڊپريشن نيلوفر نالي طوفان ۾ تبديل ٿي ويو پاڪستان جي ساحلي پٽي تي تيز برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي هئي. سامونڊي طوفان 'نيلوفر' جو نالو پاڪستان رکيو. چاڪاڻ ته ان وقت نالو رکڻ جو وارو پاڪستان جو هو. خوفناڪ طوفان نيلوفر پاڪستان ۽ پارت جي ساحلي پٽي سان ٽڪرائڻ ڪانسواءِ پنهنجو چڪر مڪمل ڪري ورتو هو. عربي سمنڊ ۾ هو 'لو پريشر' ۾ تبديل ٿي ويو، جنهن سبب ڪراچي ۽ هيلٿين سنڌ جي ڪجھ علاقن ۾ برسات پئي هئي.

گوادر، پسني، اورماڙا ۽ مڪران جا ساحلي علاقا سامونڊي طوفان ڪيار ڪان متاثر ٿيا. لسبيلا ضلعي جي گدائي علاقي ۾ عبدالله ڏکرزئي ڳوٺ سمنڊ جي پاڻي هيٺ اچڻ سبب پين علاقن ڪان ڪٽجي ويو هو. ڪيار جي اثر هيٺ اپريندڙ سامونڊي لهرن سبب سنڌ جي سامونڊي پٽي جا ڪيترائي ڳوٺ جزوي طور متاثر ٿيا ۽ سنڌ_مڪران جي ساحلي علاقن ۾ برسات پئي. سائڪلون ڪيار غير معمولي هو جو ته اهو مون سون بعد (آڪٽوبر_نومبر) ۾ جڙيو هو تاريخي طور تي، ان شدت جا طوفان مون سون جي دور ۾ رپورٽ ڪيا ويندا آهن

2021: سائڪلون ٽيوڪتائي Teuktae

خوفناڪ سامونڊي طوفان شاهين سنڌ جي سامونڊي پٽي ڪان پري عمان طرف مڙي ويو هو. آڪٽوبر 2021ع ۾ بلوچستان جي ساحلن جي ويجهو اثر وجائي ڇڏيو هو، ان جي باوجود، هن تيز هوائون، هلڪي کان وڇولي برسات پئي هئي، ڪراچي جي اورنگي ٽائون ۾ بجلي جا ڪرنٽ لڳڻ سبب ڪيترائي علاقا پاڻي هيٺ اچي ويا هئا.

2023: سائڪلون بِپرجوائي

بپر جوائي بنگالي زبان جو لفظ آهي جنهن جو مطلب آهي تباهي ڪندڙ، هي نالو بنگلا ديش رکيو آهي. بابا پت سميت ڪيترائي بيٽ سمنڊ جي چتين لهرن جي منهن ۾ آهن ۽ گهرن ۾ پاڻي داخل ٿي چڪو آهي. ميٽ آفيس موجب 15 جون تي هي طوفان ڪيٽي بندر ۽ پارتي گجرات جي ڪنارن سان ٽڪرائيو. هوا جي رفتار 80 کان 120 ڪلوميٽر ٿي سگهي ٿي. سنڌ جي وڏي وزير موجب مختلف شهرن جي 90 هزار آبادي کي خطرو آهي، ڪراچي، لٽو سجاول ۽ بدين سان 57 هزار ماڻهن کي محفوظ جاين تي پهچايو آهي بين جي شٽڊنگ لاءِ ڪار جاري آهي. (هي اسٽوري ۾ تصويرون آسين ڀان جي ٽورن سان پنهنجي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪئي آهي)

سامونڊي طوفان، اڳوات هوشياري/خبرداري وارو نظام ۽ آفتون

محمد احسان لغاري

جڏهن جي مضمون اوهان پڙهي رهيا هوندا، ان وقت هڪ ڏينهن جي وڌي تي عربي سمنڊ ۾ اٽندڙ 'بپارجوائي' سامونڊي طوفان گجرات ۽ سنڌ جي سامونڊي پٽي تي زمين جو منهن ڏسڻ وارو هوندو! ڈاڪٽي_اوپر سنڌ ۾ ان جا گهرا اثر ٿيندا. تقريباً سڄي سنڌ ۾ بارشون ٿيڻ جو امڪان آهي. ان طوفان جي خبر پوين انن کان ڏهن ڏينهن کان سماجي ميڊيا تي مسلسل اچي رهي آهي. پوين ٽن ڏينهن کان ملڪي ميڊيا ۾ ڄڻ ان تي غور ڪرڻ شروع ڪيو آهي. خبرون ڏيڻ شروع ڪيون آهن. حڪومت سنڌ ۾ هنگامي حالتن کي ذهن ۾ رکندي ضلعي انتظاميا، آبپاشي کاتي ۽ پين لاڳاپيل کاتن کي سخت ۽ تڪڙا آپاءُ وٺڻ جي تاڪيد ڪئي آهي ۽ حڪر جاري ڪيا آهن.

دنيا ۾ پوين ڪجھ ڏهاڪن ۾ موسميات سان لاڳاپيل خطرن، جنهن ۾ برسات، سيلاب/ ٻوڏ، طوفان، سامونڊي طوفان ۽ گرمي جي لهر شامل آهن، انهن جي بابت معياري اڳڪٿيون ڪرڻ ۾ ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. هاڻ مينهن جي مقدار ۽ جاگرافيائي وسڻ واري جاين جي باري ۾ تمام گهٽي درست اڳڪٿي ڪري سگهجي ٿي. ساڳي نموني سامونڊي طوفان جي رستن ۽ ان جي تيزي جي باري ۾ پڻ صحيح اندازا لڳائي سگهجن ٿا. هي 'اڳوات هوشياري وارو نظام' زندگيون بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ايتري سائنسي ۽ ڪمپيوٽر جي ماڊلنگ جي ترقيءَ جي باوجود ترقي پذير ملڪ ايان گهٽو پنلتي پيل آهن.

هن وقت به 'پاڪستان موسميات ڪاتو' جيڪي اڳڪٿيون ڪري ٿي ان ۾ ايسانجا پنهنجا ڪجھ راڊار RADAR ۽ ليڪل نظام جي معلومات شامل هجي ٿي، پر گهڻو ڪري جيڪي عالمي ادارا، انهن جا ماڊل ۽ اڳڪٿيون آهن، اهي مختلف عالمي معاهدن تحت ۽ معلومات جي مفت فراهمي ڪن ٿا، ان جي ڪري پاڪستان جهڙي غريب ملڪن کي اها اهر سهولت ملي ٿي پاڪستان جي نشرياتي ادارن، چئنلن ۽ صحافين (جيڪي وڌن چئنلن تي ويلڊ هوندا آهن) ان ڏس ۾ گهڻو ڪري گهڻيون ڪوتاهيون ڏيکاريون آهن. 1999ع واري A2 سامونڊي طوفان کان وٺي 2022ع واري ٻوڏن تائين ايسان ڏنو ته ڪيئن ان سلسلي ۾ "ماڻهن جي زندگيءَ ۽ موت" واري سوال کي هڪ پاسي رکندي هيٺين موضوعن تي ڌيان ڏنو ويو ۽ نشر ڪيو ويو!

آفتن جي وڏندڙ تعداد، نقصانن ۽ اثرن کي نظر ۾ رکندي هاڻ ارلي وارننگ سسٽم جنهن کي پاڻ سنڌيءَ ۾ "اڳوات هوشياري / خبرداري وارو نظام" چئون ٿا، اٿڻ آهي ـ جيڪڏهن ان نظام جو جائزو تاريخي طور وٺجي ته انسان اڳوات هوشياري ڪيئي سؤ سال اڳ سکي هئي ۽ پنهنجن ڪي جاڻ ڏني زندگيون ۽ مال بچايو. سنڌ ۽ بلوچستان ڪاڇي ۽ ڪوهستان ۾ اڄ به ڏنار، ڏاها مينهن واري ندين ۾ پاڻي اچڻ جو مينهن اچڻ جو اڳوات اطلاع ڏيندا آهن. جڏهن ته آسمان ۾ نه ڪٿي ڪڪر نظر اينداً آهن ۽ نه ئي ندين ۾ ميلن تائين ڪو پاڻ نظر ايندو آهي، ۽ اوچتو ندي ۾ پاڻي رنيون ڪندو پهچندو آهي! سنڌ جي سامونڊ ۾ ناڪڙا، هوا جي رُخ ۽ قسم کي ڏسي طوفانن جي اڳڪٿي ڪري ولنداً هئا! آمريڪا جا اصلي رهاڪو آفريقا جا ماڻهو پڻ موسم بابت تمام درست اڳڪٿيون ڪري سگهندا هئا. وقت سان جاڻ، سائنس، سائنسي اوزار، ڪمپيوٽر، ماڊلنگ ۽ بيا ڪيترائي اهم طريقا ۽ اڳوات هوشياري جي علم ۽ انتظام ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿيو

اڳوات هوشياري ڊيارن صرف ماڻهن کي وقتائو اطلاع ڏيڻ شامل نه آهي، بلڪ ان نظام تحت اهو ضروري ته خطرن جي جڳي ريت سڃاڻ ڪئي وڃي، اپندڙ آفت کان جنهن جنهن شعبي ۽ علاقي کي خطرو آهي، انهن تائين صحيح ۽ وقتائتي جاڻ پهچائي وڃي، اها معلومات ماڻهو جگي ريت سمجهن ۽ ان مطابق عمل پڻ ڪن! پوين آفتن جا تجربا ٻڌائين ٿا ته ماڻهو گهڻو ڪري خطري جي نوعيت کي ۽ ان مان ٿيندڙ متوقه نقصانن کي گهٽ سمجهندا آهن ۽ پنهنجا گهر، مال (وٺاڻ وغيره) ڇڏڻ نه چاهيندا آهن چاڪاڻ ته ماڻهو، خاندان جڏهن خطرن کان بچڻ لاءِ لڏپلاڻ ڪن ٿا ته پويان چوريون ٿين ٿيون، جن جاءِ تي هنن کي ڪڍي رکيو ٿو وڃي اتي هو بي يارو مددگار ٿي دربدر پڻ ٿين ٿا، ان ڀڃ ڪان هُو خطري جي باوجود پنهنجون جايون نه چڏيندا آهن ـ ان ڪري انهن کي هڪ بهتر بندوبست ڪري عارضي طور تي خطري واري جاين تان ڪڍڻ ۽ ضلعي انتظاميا ۽ سنڌ جي آفتن جي انتظام ڪاري واري اداري ۽ مڪاني اڌارن ۾ حڪومتن جو بنيادي فرض عائد ٿئي ٿو.

تجربا ۽ مشاهدا ٻڌائين ٿا (خاص ڪري 2022ع واري ٻوڏن جو تجربو) ته سياسي حڪومت يڪدم اپاءُ وٺي ٿي، ذريعا ۽ پئسا پڻ جاري ڪري ٿي، حڪر ڏي ٿي پر خاص ڪري ضلعي انتظاميا جي ادارتي صلاحيت ۾ ڪمي هجڻ جي ڪري ڪر ٽڪرا، فعال نٽا ٿين ۽ آفتن جي خطرن ۾ گهيرڻ ماڻهو وڌيڪ تڪليفون ٿا ڏسن ـ ادارتي سگهه ۽ صلاحيت جيڪا ليڪن ڪاڏي ۽ اڏوهي لڳل ٿي وئي آهي، ان ته ڪلي ذهن ۾ دل سان غور ڪرڻ ان ۾ بهتري آڻڻ جي ضرورت آهي.

گذيل قومن جي 'آفتن کي گهٽائڻ واري آفس مطابق اڳوات هوشياري واري نظام "آفتن جي خطرن جي جاچ، اڳڪٿي جو اهڙو ۽ مربوط نظام آهي جنهن ۾ آفتن جي خطرن جي ڪٿ ڪئي وڃي، ان جي بابت ماڻهن کي ٻڌايو وڃي ۽ ان سان لاڳاپيل تياريون ڪيون وڃن ـ ان نظام جي ڪري فرد، وسندیون، حڪومت، ڏنڊي ڏاڙي وارا ۽ بيا وقتائتا قدم ڪندا آهن، جنهن جي ڪري وڏي نقصانن کان بچي سگهيو آهي ـ

اڳوات هوشياري وارا نظام جا چار حصا ٿين ٿا هڪ 'خطرن جي جاڻ' جنهن ۾ ڪنهن به آفت جي خطرن بابت آگاهي ۽ علم هوندو آهي. جيئن هاڻ سامونڊي طوفان جي باري ۾ ٻڌايو ويو وڃي ته اهو ڪهڙو قسم جو ۽ ڪهڙو خطرو آهي. ان جو ٻيو حصو "مسلسل جاچ" آهي، جنهن ۾ خطري کي زمان ۽ مڪان (وقت ۽ مڪان) جي حساب سان ڏنو ويندو آهي. اسان سامونڊي جي طوفان جي معلومات جي باري ۾ ڏنو ته ڪيئن ڪي ماهر، ڪي ادارا لمحي لمحي ۾ پڌاڻي رهيا آهن ته سامونڊي طوفان ڪهڙو رستو وني رهيو آهي، ان مان ڪيترين تيز هوائون ايندیون، اهو زمين سان ڪٿي ۽ ڪڏهن ٽڪرائيندو؟" ان جو ٽيون حصو ان خطري جي پيش نظر جوابي عمل ڪرڻ جي صلاحيت جي باري ۾ آهي ته اداري، افراد ۽ حڪومت جون صلاحيتون ڪهڙي ليول جون آهن ـ هاڻوڪي طوفان جي باري ۾ سنڌ حڪومت تڪرا اپاءُ وٺي رهي آهي، سياسي ماڻهو ۽ اڳواڻ ڏکين ڏينهن ۾ آفتن ۽ هميشه متحرڪ هوندا آهن، ماڻهن ڏانهن جوابده هوندا آهن، ان ڪري هو تڪرا اپاءُ وٺڻ جا حڪر ڪندا آهن، تڪليف ۾ ورتلن وٽ پاڻ پهچندا آهن ـ

پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ضلعي انتظامي ڍانچي کي متحرڪ ڪيو وڃي. ضلعي، تعلقي ۽ يوسي ليول تي "اڳوات هوشياري" جي نتيجي ۾ ٽيندڙ عملن لاءِ سهڪاري ٽيٽ ورڪ ٺاهيا وڃن ـ سماجي تنظيمن کي پڻ ان سان گڏيندو وڃي. ان ڪانسواءِ مڪاني ادارا ۽ حڪومتن/نظام کي فعال ڪيو وڃي ـ سنڌ ۾ مڪاني ادارن جي جيڪا صلاحيتي پڇ ڏاهه ٿي آهي، ان کي نئين سر جيئارڻ جي ضرورت آهي، وڏي وراهه واري ڍانچي کي تبديل ڪري 'عوام لاءِ بهتر مڪاني سهولتن' جي رسائي تي هلڻو آهي. سمجهڻ ڪپي ته 2022ع جي تاريخي ۽ تباه ڪن ٻوڏن کي وڏي صرف نومهينا مس گذريا آهن ته غريب سنڌ جي در تي اڳ ۽ پاڻي جي شديد اٽاڪ آئي ۽ هاڻ هڪ وڏو سامونڊي طوفان 'آدم بو آدم بو' ڪري رهيو آهي. ان ڪري ادارتي صلاحيت کي فعال، شفاف ۽ انصاف پرين ڪرڻ ڪانسواءِ نه حاڪمن، سياستدانن وٽ رستو آهي ۽ نه ئي عوامي نوڪرن (جنهن کي پاڻ ڪامورا چئون ٿا) وٽ ڪا بي واٽ!

پاڪستان جو موسمياتي ڪاتو، پنهنجي وسيلن جي محدوديت جي باوجود خطرن جي اڳوات جاڻ بابت انتهائي اهم ڪم ڪري رهيو آهي ـ ساڳي وقت سنڌ حڪومت مختلف پالیسي ۽ پراجيڪٽن جي ڪمن تحت پڻ ان ڏس ۾ اڃڪني وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. عالمي بئنڪ جي مختلف پراجيڪٽن ۾ اڳوات هوشياري' واري نظام جي مختلف حصن تي ڪم ٿي رهيو آهي ـ ان ۾ سنڌ واٽر اينڊ ايگريڪلچر ٽرانسفارميشن پراجيڪٽ ۾ "پاڻي ۽ زراعت جي باري ۾ معلوماتي/جاڻ جو نظام" شامل آهي، ان تحت مقامي سطح تي "ننڍا ننڍا اڳوات هوشياري" وارا نظام لڳايا ويندا ـ آفتن جي خطرن بابت معلومات حقيقي ۽ هلندڙ وقت ۾ گڏ ڪئي ويندي ۽ ان معلومات کي وقتائتو ماڻهن، لاڳاپيل ادارن تائين پهچايو ويندو ـ ان نظام کي ڄاڻ برابر ٽيٽور آهي، ان ۾ عالمي تجربن (امير تورٽي غريب ملڪن مان) کان سکي اڃڪني وڌڻ جي ضرورت آهي ـ اسان بنگلاديش ۾ ٽائفلينڊ جهڙن ملڪن کان انتهائي اهم سکيا وٺي اڃڪني وڌي سگهون ٿا، ان لاءِ پروفيشنل ماڻهن جي تياري، تربيت ۽ انهن کي ميرٽ تي ڪنڊي ڪم وڌائڻ جي ضرورت آهي ـ

دنيا جي ڪيترن ئي غريب ملڪن ۾ ڪميونٽي وارو "اڳوات هوشياري" وارو نظام پڻ ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن گوٺن ۽ ننڍن شهرن ۾ سماجي تنظيمون (ڪٿي حڪومت سان ڳنڍجي) ڪم ڪري رهيون آهن، خطرن جي جانچ ۽ لهندين آهن، انهن جا ٽيٽ ورڪ ٺهيل آهن، جيڪي خطري ۾ آيل ماڻهن تائين پيغام پهچائيندا آهن.

هن دؤر ۾ انٽرنيٽ جي واڌ ويجهه، سوشل ميڊيا جو وڌڻ، ايف ايم ريڊيو ۽ ٽي وي جهڙا ذريعا موجود آهن، جنهن جي نتيجي ۾ ٽرٽ معلومات پهچائي سگهجي ٿي ـ پر بدقسمتي آهي ته وقت سان گڏ موبائيل فون جي ٽيٽ ورڪن جو ڦهلاءُ ڪهڙيو آهي، اهي ادارا پنهنجي اڌاروتي ڪمن تي بلڪل ڊيان نه ڏڻي رهيا آهن. پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي پڻ خاموش آهي ۽ جڙ اسلام آباد تائين محدود آهي. عام ماڻهو غريب هجي يا امير، موبائيل فون استعمال ڪري ٿو ۽ ٽڪٽس ۾ پڻ حصيدار ٿئي ٿو، پر ان کي پنهنجن پريل پئسن جي بدلي ۾ آهي سهولتون نٿيون ملن! ساڳي نموني جيڪو معلومات پهچائڻ وارو نظام آهي، ان کي جڏو بريا ڪري عمل ۾ آڻڻ ضروري آهي ـ

حقيقت ۾ سنڌ حڪومت کي هڪ معلوماتي ٽي وي چئنل، هڪ ايف ايم ريڊيو سسٽم، جيڪو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين هجي، ٽاهڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. ان ڪانسواءِ موبائيلن تي پيغام ۽ ان ڪانپوءِ جتي موبائيل/فون جي پهچ ناهي اتي مقامي انتظام ڪري سگهجي ٿو

ان ڏس ۾ ورجايان ٿو ته حڪومتي لاڳاپيل ادارن جي صلاحيت ۽ شفافيت، بهتر ماڻهن کي ميرٽ تي رکڻ، مقامي ليول تي سياسي ۽ سماجي ڏميدارن کي متحرڪ ڪرڻ تمام ضروري آهي ـ ماڻهن کي صرف خطرن جو پڌائڻو ڪونهي، انهن کي خطرن مان ڪڍڻ پڻ ضروري آهي ـ جڏهن به ڪا آفت آچي ٿي سپ کان پهريان آفت ۾ آيل مقامي ماڻهو، پنهنجن کي، ڳوٺ وارن کي ان ڏکين حالتن جي دوران مدد ڪن ٿا، ان ڪري جيڪڏهن اسان "اڳوات هوشياري وارو نظام" کي ڏسنداسين ته ان ۾ لوڪل ماڻهو، ضلعي/لوڪل اداري واري انتظاميا، مختيارڪار کان ولي ڏپٽي ڪمشنر تائين، (پائي سان لاڳاپيل آفت لاءِ) آبپاشي کاتو آفتن سان لاڳاپيل صوبائي ۽ مرڪزي اداره، صوبائي حڪومت ۽ مرڪزي حڪومت جو ڪردار اچي ٿو وڃي ـ ان ڪانسواءِ سماجي تنظيمون، عالمي اداره، خانگي شعبي جا ماڻهو ۽ اداره، سائنسي، علمي ۽ تحقيقي اداره ۽ ميڊيا جا شعبا اچي ٿا وڃن ـ

وڏندڙ غير يقيني واري حالتن، موسمياتي قير گهير جي اثرن، آفتن سان لاڳاپيل جاني، اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي نقصانن اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏي آهي ته "اڳوات هوشياري وارو نظام" بريا ڪرڻ ڪانسواءِ سنڌ لاءِ بيو ڪو رستو ناهي.

فلسطيني اسرائيلي ٽيڪڙي جي ڪوشش

پرڏيهي خابرو اداري "اي ايف پي" جي خبر موجب فلسطيني صدر جي چين جي دوري جي بابت خبر بيجنگ طرفان جاري ڪيل بيان ۾ ڏني وئي آهي. صدر جي دوري جي خبر چين طرفان اسرائيل_فلسطين امن ڳالهين کي سهولت ڏيڻ جي لاءِ رضامندي ظاهر ڪرڻ بعد سامهون آئي آهي.

چين پاڻ کي، وچ اوڀر ۾ هڪ ٽيڪڙ جي حيثيت سان پيش ڪيو آهي، چين تازو مارچ ۾ ايران ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ لاڳاپن جي بحالي جي لاءِ پڻ ٽيڪڙي ڪرائي هئي، جڏهن ته آمريڪا ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين هن خطي ۾ طاقت بروڪر رهيو آهي.

پرڏيهي وزارت جي ترجمان چون ينگ جمعي تي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته فلسطيني رياست جو صدر محمود عباس شي جن پنگ جي دعوت تي 13 کان 16 جون تائين چين جو سرڪاري دورو ڪندو.

وزارت جي ترجمان وانگ وين بن باقاعده بريفنگ ڏيندي ٻڌايو آهي ته هو هلندڙ سال چين جو دورو ڪندڙ پهريون عرب سربراهه آهي، جيڪو چين ۽ فلسطين جي وچ ۾ اعليٰ سطحي بهتر لاڳاپن جي مڪمل عڪاسي ڪري ٿو، جڏهن ته بنهي ملڪن ۾ روايتي طور دوستاٿا لاڳاپا رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته محمود عباس چيني عوام جو پراڻو ۽ سٺو دوست آهي ۽ چين هميشه فلسطيني عوام جي جائز قومي حقن جي بحالي لاءِ سندن حمايت ڪئي آهي.

جيئن بيجنگ وچ اوڀر سان پنهنجا لاڳاپا وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان ڪي آمريڪا جي ڏکهي اثر کي چيلينج ٻڌايو آهي ته ان جو تفصيل هن طرح آهي.

1964: سائيڪلون A02:

12 جون 1964ع تي سامونڊي طوفان A02، حيدرآباد ۽ ٽنڀارکر ضلعن ۾ تمام گهڻو نقصان پهچايو. جڏهن اهو سنڌ جي ڏکڻ اوڀر وارن علاقن ڏانهن وڌيو، جنهن ۾ 450 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. 4 لک ماڻهن جي زندگين کي متاثر ڪيو ۽ نقصان پهچايو. جڏهن ته ان زماني ۾ 41 لک ڊالر جو نقصان ٿيو هو. ياد رهي ته ان وقت پنهنجي ضلعن جون حدون وسيع هيون، ٽنڀو الله يار، ٽنڀو محمد خان، عمر ڪوٽ، بدين ۽ ميرپور خاص ضلعا انهن ۾ ضلعن جو حصو هئا.

1965: سائيڪلون A013

15 ڊسمبر تي ڪراچي ۾ خطرناڪ طوفان A013 جو شڪار ٿيو جنهن ۾ 10,000 ماڻهو مارجي ويا هئا. اهو هڪ غير معمولي ۽ نادر واقعو سمجهيو ويندو آهي جو ته ڊسمبر جي مهيني ۾ سامونڊي طوفان عربي سمنڊ ۾ تمام غير معمولي ڳالهه آهي.

1993 سائيڪلون

14 نومبر 1993ع تي ڪيٽيگري ون طوفان سنڌ ۾ آيو جنهن ۾ ڪيٽي بندر، ٽٽي، بدين ۽ ڪراچي ۾ 609 ماڻهو مارجي ويا ۽ 2 لک ماڻهو بي گهر ٿيا. تيز هوائن جي ڪري سنڌ_گجرات جي ساحلي پٽي جي ويجهو سامونڊي طوفان ڪمزور ٿي ويو

1999: سائيڪلون A2

20 مئي کان 22 مئي 1999ع تائين ٽٽو، عمر ڪوٽ، ميرپور خاص، بدين، حيدرآباد ۽ ٽنڀارکر جا شهر سامونڊي طوفان 2 آيو جي تباهيءَ جو شڪار ٿيا. هي ويجهڙ وارن سالن ۾ سڀ کان وڌيڪ تباهي ڪندڙ طوفان هو. جيڪو پاڪستان کي هڪ مضبوط ڪيٽيگري 3 جي برابر طوفان جي طور تي تسليم ڪيو ويندو آهي. ملڪ ۾ 6,200 ماڻهو مارجي ويا. ان وقت، طوفان جي زمين تي اچڻ کان اڳ رهاڪن کي ڪيڏو جي ڪا به ڪوشش نه ڪئي وئي. 9,252 ماڻهون بي گهر ٿيا ۽ 657,000 ماڻهن کي متاثر ڪيو. ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر نائيڪ محمد جوڪيو موجب طوفان علاقي ۾ 70 سيڪڙو چانورن ۽ ڪڪ جو فصل تباهه ڪري ڇڏيو. لڳ ڀڳ 300 سپاهين کي پٽ علاقي ۾ مقرر ڪيو ويو (ڪراچي کان 42 ميل اوڀر)، گهر ٽيل ماڻهن کي گهرايو ۽ بچاءُ ۽ نقصان جو اندازو لڳائڻ ڊپٽي ڪمشنر ٻڌايو ته 3500 ماڻهو لاپتا ٿي ويا هئا.

2007: سائڪلون يمين

ڏينهن جو ويڙهن ته نو مئي جو واقعو به پيپلز پارٽي،ڪرايو هو سنڌ حڪومت اليڪشنڪميشن سان مڪمل تعاونڪندي هڪٻئي سوال جي جواب ۾ بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته حليمه عادل شيخ ٻڌائي ته هو ڪنهن جي خوف کان پڇي رهيو آهي هو ڪانون کي منهن ٽوڙڻي سگهي. قانون کان پڇي رهيو آهي.

09 ٭٭٭ بقايا

جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب گريڊ 19 تائين جي پوسٽنگ جا اختيار تعليم ۽ صحت واري وزير کي ڏنا ويا. نوٽيفڪيشن ۾ جيڪو ويو آهي ته انهن کانئن جا گريڊ 19 هين جا آفيسر رڌيڪ آهن جن جا ٽرانسفرز ٽيندا رهندا آهن. ذريعن موجب فائل چيف سيڪريٽري آفيس تائين پهچي اڪثي ويندي هئي. ٽرانسفر پوسٽنگ نه ٽيڻ سبب انتظامي معاملا متاثر ٿيا هئا.

10 ٭٭٭ بقايا

ڪانپو، علي افضل ساهي کي گرفتار ڪيو ويو. علي افضل ساهي جي وڪيل چيو ته عدالت گولڙچي ڪيس ۾ علي افضل ساهي جي عبوري ضمانت ۾ 3 جولاءِ تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي. هن چيو ته علي افضل ساهي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج راجا جواد عباس حسن جي عدالت ۾ پيش ٿيو. وڪيل چيو ته اڳوئي صوبائي وزير کي پيشي ڪانپو، جڊيشل ڪمپليڪس مان واپسي تي گرفتار ڪيو ويو

11 ٭٭٭ بقايا

متاثر ٽيڻ جو خدشو آهي. سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي ۾ ماڻهو ڪوشش ڪن ته گهرن کان غير ضروري طور ٻاهر نه نڪرن. ماڻهن کي محفوظ هن

بقايا سنڌيار 01

واپڊا آفيس اڪپان ساجد سولنگي، ڊاڪٽر ظفر سولنگي شڪيل راڄپر ممتاز سولنگي الطاف انصاري رستم شر ماجد راڄپر، ياسر ڍهلو سهيل ڍهلو، استاد تنوير منگي، نظير چنو، احمد شيخ آزاد سارنگ برڙدي، زوهيب انصاري، استاد ممتاز راڄپر ۽ پين جي آڳاڻي ۽ واپڊا پدھعيدن جي آفيس اڪپان احتجاجي مظاهرو ڏڻڙ رهواسين جو ڇوٽ آهي ته لائين سپريڊنٽ شاهد آرائين جي نالهي جي ڪري اسان جو ٽرانسفارم هڪ مهيني ۽ چار چڪر سري ويو آهي اسان سولنگي محلي جا رهواسين لکين رپيا هڪ مهيني ۽ واپڊا وارن کي ڏئي ٽرانسفارم ٺهرايو آهي هر هفتي آپريجي ڏينهن ٽرنسفارم سري وڃي ٿو اسان وفاق حڪومت، سيڪر چيف اي سي، ٽوشهروفيروزاپر اين اي ڏولفقار ٻهٽو ۽ مختلف ادارن کان گهرٻا ڪيون ته فوري طور نوٽيس ونئي ڪريشن ڪنڊ واپڊا پدھعيدن جو عملو هٿاڀو وڃي ۽ اسان جي وارڊ جي بجلي بحال ڪرائي وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 02

قبرستان ۾ رات ڏيرسان تدفين ڪئي ويئي ، جنازي ۾ علاقڪي جي اهم سياسي سماجي مذهبي شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي .

بقايا سنڌيار 03

ٽي 15 کان 18 ڪلاڪ بجلي جي ڏڪڻي لوڊشيڊنگ پڻ ڪئي وڃي . شهري ٻارن بجلي ۽ گئس جي ڏڪڻي بريڪ ڊائون خلاف احتجاج جو سڏ ڏيندي فوري طور بجلي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ گهٽائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي .

بقايا سنڌيار 04

دانهينديو ڇوته اسان جي نوجوان ۽معصوم ٻار کي ويڙهڻ اڇ ڊاڙيان آڻوا ڪري ويا آهن ٻر انهن کي پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي آهي هنن ڇيرڪ انهي کان علاوه ڊاڙيل اسان جي معصوم ٻارڙن کي پڻ گولين هڻي زخمي ڪيا ويا آهن ۽ هو هن وقت ڪراچي جي اسپتال ۾ داخل آهن روزاني اسان کي پوليس رڳو دلاسا ڏيئي رهي آهي ايس ايس پي ڪشمير عرفان سمون مڪمل طور ته ناڪام ٿي چڪو آهي هو صرف آفيس ۽ هائوس تائين محدود آهي ۽ ان جي پوليس نفري به ناڪام ٽيل آهي انتي موجود جستر آڳوڻي والي ڏوهن سنڌي ڇوته ڇاهي ايم پي اي ۽ ايم اين اي جا سوٽر نه آهن جو هونئن جي آڳوا ٽيلن کي ٻاجايه ڪرائين ياهو به ڇورن ڪورن ڊاڙيلن جا ساٿاري آهن جا چند ڊاڙيل رياست کان زور آهن جن ڇيو ته ڪنڊڪوٽ شهر ۾ ڪورٽ ڪمپليڪس ۽ ڪچهريون ۽ ٻيا ڪيترائي ادارا ٻڌل آهن جن ۾ هزارين ماڻهو روزاني ڪم ڪارڻ لاءِ اچ ويچ ڪندا آهن ڪنڊڪوٽ شهر ۾ ڪيترائي ڏوهارين کي ڪچهرين ۾ آندو ويندو آهي ۽ ڪيترائي ڪيسن ۾ ڪچهرين ۾ ئي فيصلا ٿيندا آهن ڪنڊڪوٽ شهر ۾ ڪيترائي ڏوهارين کي ڪچهرين ۾ آندو ويندو آهي ۽ ڪيترائي ڪيسن ۾ ڪچهرين ۾ ئي فيصلا ٿيندا آهن ته ڪنڊڪوٽ شهر ۾ ڪچهرين جي ڪري ڪيترائي ڏوهارين کي آڻڻ ۽ کڻڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي